## تعارف:

پاڪستان اندر ٻاجهون ننڍن آبادگارن لاءِ آمدني جو ذريعو آهن. ڀينڊين کي ايشيا جي گرم ۽ نيم گرم علائقن ۾ پوکيو ويجي ٿو. هي ڀاڄي روزانہ جي خوراڪ ۾ ڪاڌي جو سستو ذريعو هئڻ ڪري اهميت وٺي رهي آهي. هن ۾ پروٽين، ڪاربوهائيڊريٽ، وٽامن، معدني جزا ۽ ٽانڊورا موجود آهن. جيڪي انساني صحت لاءِ ضروري سمجهيا وڃن ٿا. ڀينڊي کي فرائي ڪرڻ يا ٻوڙ ڀاڄي طور اهميت مليل آهي. اوٻاريل ۽ فرائي ڪيل ڀينڊين کي ٻين ڪاڌن سان ملائي پچايو ويجي ٿو جهڙوڪ گوشت ۽ مڇي وغيره. ڪچڙين ڀينڊين کي ٽڪرا ڪري، اوٻاري ۽ سوپ طور پيش ڪيو ويجي ٿو. پڪي ڀينڊي ۽ ٻوٽي جي ڪاٺين کي ٽانڊورن هئڻ ڪري ڪاغذ ٺاهڻ واري انڊسٽري ۾ استعمال ڪجي ٿو.

خوراڪي لحاظ کان عام طور تي ڀينڊين کي دوا طور معدي جي السر جي علاج لاءِ پڻ استعمال ڪجي ٿو. ڦڦڙن جي ساڙ شوگر، گلي جي خراش لاءِ استعمال ڪجي ٿو. هن جي ميوي ۾ اڌ کان وڌيڪ حصو ڳرنڌڙ فائبر، لڳدار گم موجود آهي. جيڪو ڪوليسٽرول کي گهٽائي ٿو ۽ دل جي بيمارين کي گهٽائي ٿو. هن جي ٻئي اڌ حصي ۾ اڻ ڳرنڌڙ فائبر آنڊي کي صحتمند رکڻ ڪري ڪينسر جي خدشي کي گهٽائي ٿو. ڀينڊين جي اڌ ڪوپ ۾ 10 سيڪڙو جي قريب وٽامن بي 6 ۽ فولڪ ايسڊ موجود هوندي آهي. عام طورتي ڀينڊين کي گهريلو استعمال لاءِ پوکيو ويجي ٿو. هن فصل کي ننڍي آبادگار جي لڳائڻ سان سڄو سال آمدني ملندي رهي ٿي.

**موسم ۽ پوکي جو وقت:** ڀينڊي جي پوک جي شروعات ايٿوپيا، آفريڪا ۽ ايشيا کان ٿي. آمريڪا جي گرم علائقن ۽ ايشيا جي علائقن کي هن جي پوک لاءِ بهتر سمجهيو ويو. وقت گذرڻ سان ڀينڊي جي ڀاڄي ٻوڙ دنيا اندر پکڙجي وئي.

ڀينڊي گرمي جي موسم جو فصل آهي. سنڌ اندر ڀينڊي کي ٻن موسمن ۾ پوکيو ويجي ٿو. (1) فيبروري کان مارچ ۽ (2) جون کان جولاءِ ۾. ڀينڊين جون جنسون 40 ڏينهن کان پوءِ ميوو جهلڻ شروع ڪن ٿيون. ڀينڊي کي ٺٽي، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي نهري علائقن ۾ ڀينڊي کي آڪٽوبر ۽ نومبر جي سياري ۾ پوکيو ويجي ٿو. جيڪي مارڪيٽ ۾ فيبروري مارچ ۾ مهانگي اگهہ ۾ وڪامن ٿيون. ڀينڊي جو ٻج گهٽ ۾ گهٽ ڪري گرم مٽي ۾ ڄمي ٿو جيڪو 16 ڊگري گرمي پد کان هيٺ ڦوٽهڙو نٿو ڪري. هن لاءِ سراسري گرمي پد 20 کان 30 ڊگري تي ٻوٽن جي واڌ، گلن جهلڻ ۽ ميوي جي واڌ سٺي ٿئي ٿي.

**زمين جي تياري:** ڀينڊين جي فصل لاءِ لٺياسي زمين جنهن ۾ پاڻي جي نيڪال جي سٺي خاصيت هجي. اها ڀينڊين جي پوکي لاءِ موزون سمجهي ويجي ٿي. زمين جي تياري پوکي کان ٻہ هفتہ پهرين ڪجي. زمين جي تياري اهڙي نموني ڪجي جو فصل سٺي نموني سان ٿئي ۽ سٺي پيداوار ڏئي. زمين کي 2 کان 3 هر هفتي جي وقفي سان ڏجن تہ جيئن گندگاهہ کان بچاءُ ٿي سگهي. زمين اندر گاهن جون پاڙون ۽ ٻين فصلن جون ٿيهون چونڊي صاف ڪجن. زمين اندر هر 15 کان 20 سينٽي ميٽر هيٺ لهڻ گهرجي. تہ جيئن فصل جون پاڙون سٺي واڌ ويجهہ ڪن. زمين اندر وٿاڻ جي سڙيل ڳريل ڀاڻ جون 50 کان 60 ڍڳي گاڏيون وجهي زمين تي پکيڙي ٽريڪٽر وسيلي مٽي ۾ ملايو ويجي. آخري هر کان پوءِ ڪريا 60 سينٽي ميٽرن جي فاصلي تي تيار ڪيا وڃن.

**ڀينڊين جي پوک لاءِ گهربل زمين:** ڀينڊين کي وارياسي لٺياسي زمين ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿو جنهن ۾ نامياتي مادو ۽ پاڻي جو نيڪال وڌيڪ هجي. گهٽ پاڻي نيڪال واري زمين ۾ گهٽ آڪسيجن هئڻ ڪري ٻوٽن کي گهٽ آڪسيجن ملندي. جيڪي زمين ۾ پاڻي جي نيڪال واري زمين مان بہ سٺي پيداوار ملندي. سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ زمين جو ڪارپد 7.0 کان 7.6 سٺو سجهيو ويجي ٿو پر جيڪڏهن زمين اندر سخت تہ هجي تہ پوءِ ٻوٽي جي واڌ بيهو ويجي. ڪلر، ڪاري ڪلر واري زمين ۽ اها زمين جنهن ۾ پاڻي جو سٺو نيڪال نہ هجي تہ پوءِ اهڙي زمين هن فصل لاءِ موزون نہ آهي.

**پوکي جو طريقو:** ڀينڊي کي سڌون سڌو زمين ۾ ٻج وسيلي پوکجي ٿو. ٻج جي سٺي ڦوٽهڙو لاءِ ٻج کي رات جو پاڻي ۾ پسائڻ لاءِ رکجي ۽ ٻئي ڏينهن تي لڳايو ويجي. تيار ڪرين ۾ پاڻي جي وٽ واري جاءِ تي هر چونگي ۾ ٻہ ٽي داڻا وجهو. عام طرح سان ڀينڊين کي ناڙي واري طريقي سان پڻ پوکجي ٿو. جنهن ۾ ناڙي جو فاصلو ٻہ فوٽ هجي. جڏهن تہ ڪريا پڻ ٻن فوٽن جا تيار ڪيا وڃن ۽ هر چونگي جو فاصلو 15 کان 30 سينٽي ميٽر هجي. ٻج جي ڦوٽهڙي کان ٽي ڏينهن پوءِ گوٽ کي ڀريو ويجي. اڳاٽي پوک ۾ ٻج جي ڦوٽهڙي ۾ مسئلو ٿئي ٿو. انهي جي حل لاءِ اهو ضروري آهي تہ ٻج کي 6 کان 8 ڪلاڪ پسائي پوءِ پوکيو ويجي.

**ڀينڊين جون جنسون:** سنڌ ۾ پوکيون ويندڙ ڀينڊين جي سٺي پيداوار ڏيندڙ جنسن ۾ سبزپري، راما ڪرشنا، ميرپورخاص ايم-1 ۽ ريڊ اوڪرا شامل آهن.

**ٻج جو في ايڪڙ مقدار:** گرمي جي موسم ۾ 8 کان 10 ڪلو گرام، جڏهن ته سياري ۾ پوکجندڙ ڀينڊين جو ٻج 10 کان 12 ڪلو گرام ڪيو وڃي.

**گڏ دڙ ڪرڻ:** گندگاهه جي ضابطي لاءِ ٽي کان چار گڏون ڪيون وڃن. پهرين گڏ پوکي جي ٻن هفتن کان پوءِ ۽ باقي گڏون هفتي جي وقفي سان ڪجن. گندگاهن جي ضابطي لاءِ ڪک ڪانن واري ملچ ڪرڻ سان گندگاهن کي روڪي سگهجي ٿو يا ڪاري پلاسٽڪ وسيلي زمين کي ڍڪڻ سان گندگاهن جي روڪ ۽ زمين جي وٽ کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو.

**ڀاڻ جو استعمال:** زمين جي تياري کان هڪ مهينو پهرين وٺان جو سڙيل ڳريل ڀاڻ 10 ٽن في ايڪڙ وڌو وڃي. ڀينڊين مان ڊگهي عرصي تائين ميوو حاصل ڪرڻ لاءِ نائٽروجن جو سٺو مقدار زمين ۾ هجڻ ضروري آهي. پر وڌيڪ نائٽروجن جي صورت ۾ ٻوٽا ڪچ ڪري قد ڪندا. ڀينڊين لاءِ ڪيميائي ڀاڻ جي ترتيب مختلف زمين جي قسمن لاءِ هيٺ چارٽ ۾ ڏجي ٿي.

| زمين جو قسم | ڀاڻ جو وزن |
|---|---|
| وارياسي لٽياسي | ڏيڊ ٻوري ڊي اي پي + اڌ ٻوري ايس اوپي + اڌ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا پوکي جي 20 ڏينهن کانپوءِ ڏجي. اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي لٽياسي ۽ وارياسي لٽياسي هلڪي ڪلراٺي | اڍائي ٻوريون نائٽروفاس + اڍائي ٻوريون ايس او پي پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري نائٽروفاس گلن جهلڻ مهل.<br>يا<br>ڏيڊ ٻوري ٽي ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي ۽ چيڪي لٽياسي | ڏيڊ ٻوري زورآور + اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي<br>يا<br>چار ٻوريون ايس ايس پي + اڍائي ٻوريون ايس او پي پوکي مهل ۽ اڌ ٻوري ايس او پي ۽ اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ڏجي ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي ۽ ڪلراٺي قسم واري زمين | چار ٻوريون ايس ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + 2 ٻوريون امونيم سلفيٽ پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي هڪ ٻوري امونيم سلفيٽ گلن جهلڻ مهل هڪ ٻوري امونيم سلفيٽ ميوي جهلڻ مهل.<br>يا<br>چار ٻوريون ايس ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + ڏيڊ ٻوري امونيم نائٽريٽ پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ گلن جهلڻ مهل ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ ميوي جهلڻ مهلڻ. |

## خوراڪي گهٽتائي وارين نشانين ۽ انتظام ڪاري:

**نائٽروجن:** نائٽروجن جي کوٽ واري صورت ۾ ٻوٽي جي واڌ بيهو وڃي، پن ننڍا ٿيو وڃن ۽ پن پيلاڻ مائل نظر اچن ٿا. گؤنچ سنها ۽ ميوو کهرو نظر اچي ٿو.

**علاج:** يوريا جا 2 سيڪڙو ٿي ڪان چار قوهارا پوڪي جي 20 ڏينهن بعد، هر 10 ڏينهن جي وقفي سان ڏجن.

**فاسفورس:** هن جي کوٽ واري صورت ۾ واڌ ٻيهو وڃي، پن گهرا ساوا ۽ پيداوار گهٽ لهي ٿي.

**علاج:** زمين ۾ فاسفورس وجهڻ سان گڏوگڏ 0.5 سيڪڙو ارٿو فاسفورڪ ايسڊ يا 2 سيڪڙو ڊي اي پي جي ڳار کي 2 دفعه 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏجي.

**پوٽاشم:** پوٽاشم جي کوٽ واري صورت ۾، پنن جو تعداد گهٽ ٿئي ٿو پنن جون ڪناريون پوراڻ مائل پيليون ۽ ڪرچيل نظر اينديون.

**علاج:** پوٽاشيم نائٽريٽ يا پوٽاشيم سلفيٽ جو 5 سيڪڙي ڳار جو قوهارو ڪجي. گڏوگڏ پوکي مهل پوٽاش زمين ۾ پڻ ڏنل هجي.

**زنڪ:** زنڪ جي کوٽ واري صورت ۾ پن ننڍا ٿيو وڃن ۽ مڙيو وڃن. ٽڙ سنهو ۽ پنن جو تعداد گهٽجيو وڃي.

**علاج:** زمين اندر زنڪ 2 کان 4 ڪلو گرام في ايڪڙ ڇنيو وڃي. گهٽي کوٽ جي صورت ۾ زنڪ سلفيٽ (300 گرام في ايڪڙ) جو ڳار فصل مٿان قوهارو ڪيو وڃي.

**ڀينڊين لاءِ پاڻي جو انتظام:** ڀينڊين پاڻي جي گهرج موسم ۽ زمين جي قسم مطابق تبديل ٿئي ٿي. جن علائقن ۾ برسات سڄي موسم ۾ وقفي وقفي سان پونڊڙ هجي، اتي نهري يا ٽيئي ڪنهن طريقي سان پاڻي ڏيڻ جي ضرورت نٿي پوي، پوکي کان پوءِ هلڪو پاڻي ڏجي تہ جيئن ٻجن جو ڦوٽهڙو ٿي وڃي. اونهاري جي موسم ۾ 4 کان 5 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. ميوي جهلڻ مهل پاڻي جي گهٽتائي ميوي جي خاصيت ۽ پيداوار ۾ ڪمي جو سبب ٿينديءَ. عام طرح سان ڀينڊين کي پاڻي اوڙن واري طريقي سان ڏين ٿا. انهي طريقي ۾ مٽي اندر ڪافي پوسل ٿئي ٿي. جيڪا ٻج جي ڄمڻ ۽ واڌ ويجه ۾ مدد ڪري ٿي. مناسب پيداوار لاءِ زمين اندر سٺي پوسل جو هجڻ ضروري آهي. پهريون پاڻي تڏهن ڏجي جڏهن سلو پهريون پن جهلي.

- اونهاري جي موسم ۾ ٻيا پاڻي 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڏجن.
- جڏهن گرمي پد 40 ڊگري تائين پهچي وڃي تہ پوءِ هلڪا پاڻي ڏبا رهجن تہ جيئن مناسب پيداوار ملندي رهي.
- زمين اندر هر وقت وڌيڪ پوسل سان هٿڻ ڪري ٻوٽو ڪومائجي ٿو انهي کان پاسو ڪيو وڃي.
- گلن جهلڻ مهل، ميوي نهڻ يا ٻج نهڻ مهل پاڻي جي کوٽ هٿڻ سان 70 سيڪڙو پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيو وڃي.
- زمين مان خوراڪي رسد ميوي جهلڻ ۽ انهي واڌ مهل تمام گهٽي ٿئي ٿي.
- انهي موقعي تي ٻني اندر پاڻي جي کوٽ جو اثر، نہ فقط پيداواري جي گهٽتائي تي پوي ٿو پر ميوي اندر خوراڪي موجودگي تي پڻ اثر پوي ٿو.
- عام پاڻي جي ترتيب موجب جيڪا 10 ڏينهن جي وقفي سان هجي ٿي. جنهن ۾ وڌيڪ پيداوار لاءِ پاڻي 60 کان 70 ملي ميٽر سفارش ڪيل آهي.

**ڀينڊين لاءِ ڊرپ واري جديد طريقي سان پاڻي جو استعمال:** هن ڦڙي ڦڙي واري طريقي سان پاڻي آهستگي سان سئون سڌو ٻوٽن جي صرف پاڙن تائين پهچي وڃي ٿو. هن پاڻي ڏيڻ جي طريقي جا ڪيترائي فائدا آهن. جيڪڏهن صحيح طريقي سان انتظام ڪاري ڪيل هجي تہ پوءِ پاڻي جو ٻخارن وسيلي اڏامڻ کان بچاءُ ٿئي ٿو ۽ خوراڪي جزن جو پاڙن جي حد کان هيٺ لهي وڃڻ کان بہ بچاءُ ٿيو وڃي. آهستہ آهستہ هڪ ڪرو پاڻي جي ملڻ ڪري پاڻي ۽ خوراڪي جزن جي زيان تي بهترين ضابطو اچي ٿو پاڻي جي گهٽي هيٺ لهي وڃڻ وارين زمين اندر پيدا ٿيندڙ پيچدگين ۽ مسئلن ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ۽ مختلف مٽي جي قسمن مان خوراڪي رسد ڪٽڻ ۾ ٻوٽن جي پاڙن کي پڻ سهنجائي ٿئي ٿي.

**پاڻي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي:** پاڻي وڏي اهميت وارو آهي انهي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهي پاڃين لاءِ پاڻي کي محفوظ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هيٺ ڪجھ نقطا ڏجن ٿا.

- زمين اندر وڌيڪ نامياتي مادو ۽ وٺاڻ جو پاڻ پيل هجي، ڪمپوسٽ جي وجهڻ سان پوسل وڌيڪ عرصي لاءِ برقرار رهڻ ڪري گهٽ پاڻي جي ضرورت پوندي. زرعي تحقيق مان معلوم ٿيو آهي تہ زمين اندر 5 سيڪڙو نامياتي مادي جي موجود هجڻ سان زمين اندر مڪليل پاڻي جي چوٿين حصي جيترو پاڻي زمين پوسل جي صورت ۾ جهلي ٻيهي ٿي.

- ملچ جي استعمال سان پاڻي جو بخار واري صورت جي اڏامڻ ۾ گھٽتائي اچي ٿي. ان لاءِ زمين جي ٿڌي يا گرم هئڻ جو دارو مدار ملچ جي قسم تي آهي. ملچ ڪرڻ ٻوٽي لاءِ پاڻ جي گهرج سان 50 سيڪڙو گھٽ ٿئي ٿي.
- جيئن تہ ڊرپ ايريگيشن ڪرڻ سان پاڻي سڌو ٻوٽن جي پاڙن تائين پهچي ٿو ۽ پاڻي جي بخار تي اڏامڻ ۾ گهٽتائي اچي ٿي. ان لاءِ پاڻي جي رسائي وارن اوزارن کي ٺيڪ طريقي سان ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ جيئن پاڻي جو گهربل مقدار ٻاڇين جي پاڙن تائين پهچي سگهي. ڊرپ ايريگيشن اندر ملچ ڪرڻ سان پاڻي جي بخارن جو نڪرڻ بند ٿي وڃي ٿو.
- فصل يا ٻاڇين لاءِ پاڻي کي گهرج مطابق رکڻ گهرجي. پاڻي جي گهرج جو دارومدار فصل جي واڌ وارن مرحلن تي آهي. ننڍين ٻوٽن لاءِ پاڻي جو مسئلو ان وقت حساس ٿئي ٿو جڏهن ٻوٽن جون پاڙون واڌ واري مرحلي ۾ هونديون آهن. جهڙوڪ ٻيجاري جي روئبي مهل، ٻج جملڻ مهل ۽ ميوي جهلڻ مهل.
- ٻوٽن جي پوکي جو نمونو تبديل ڪريو. جنهن ۾ ٻوٽا قطارن جي سامهون اهڙي نموني سان لڳايل هجن تہ جيئن زمين تي هر وقت ڇانورو رهي. ائين ڪرڻ سان زمين جي سطح تان بخارن جو نيڪال گهٽ ٿي ويندو.
- پاڻي جي وقت ۽ وهڪري کي زمين جي قسم مطابق رکو. ڇو تہ چيڪي زمين پاڻي کي چڱي نموني سان جهلي بيهي ٿي ۽ آهستگي سان جذب ڪري ٿي. ڦڙي ڦڙي واري طريقي سان پاڻي وهڻ جي رفتار گهٽايو. وارياسي زمين انهي جي ابتڙ آهي. جڏهن تہ لٽياسي انهي معاملي ۾ وچولي آهي.
- ٻني اندر خالي زمين کي گندگاهن کان صاف رکو گندگاه موجود رهڻ سان پاڻي جو زيان ٿئي ٿو جيڪي توهان جي فصل سان پاڻي جي پوسل ڪٽڻ ۾ مقابلو ڪن ٿا.
- ڏينهن جو پاڻي ٿڌ واري وقت ڏيو. ٻاڇين کي رات جي وقت پاڻي ڏيڻ سان زمين مان پاڻي بخار ٿيڻ جي بدران زمين وڌيڪ پاڻي جذب ڪري ٿي.

## هاڃيڪارن جي نقصان کان بچاءَ لاءَ گڏيل جتادار حڪمت عملي جو استعمال

**مهلي/ٽرڙي کان بچاءَ:** ٽرڙي لڳڻ جي صورت ۾ پن پيلا ٿيو وڃن. خشڪ ٿي ڏوڙا ٿي وڃن ٿا. پنن جي پاسي تي ڳاڙهاڻ اچيو وڃي ۽ واڌ بيهي وڃي ٿي. اهي انهن جي سڃاڻپ جون خاص نشانيون آهن. جيڪڏهن انهن جو تعداد نقصان واري حد کان وڌي وڃي تہ پوءِ هيٺ ڏنل زهر جو ڦوهارو ڪريو.

ڪنفيڊور 100 سي سي في ايڪڙ يا ايڪتارا ڊبليو ايس 24 گرام في ايڪڙ.

ٻوٽي جي پنن يا چوٽي تي مهلي لڳڻ جي صورت ۾ يا وڌڻ جي صورت کان پهرين متاثر پنن ۽ چوٽين کي ٽوڙي انهي کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙين جنسن جو استعمال ڪجي جن تي مهلو نہ اچي. سلور رنگ جي ملچ ڪرڻ سان مهلي کان بچاءَ ٿئي ٿو سئي لڳل فصل تي پاڻي جي ڦوهاري جو استعمال ڪريو جڏهن مهلو وڌي وڃي تہ پوءِ انهي جي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻو جيئت مار صابڻ يا تيل جهڙوڪ نم ۽ ڪينولا جو تيل جيڪو عام طرح سان جيت تي ضابطي لاءِ استعمال ۾ آڻجي ٿو. هميشہ دوا جي دٻي يا بوتل تي لڳل ليبل جي هدايتن کي پڙهي رهنمائي حاصل ڪريو.

مهلي جو حملو اقتصادي حد کان وڌي وڃڻ جي صورت ۾ هيٺ ڏنل دوا جو استعمال ڪريو.

ايڊوانٽيج 500 سي سي في ايڪڙ يا پولو 200 سي سي في ايڪڙ.

وڻگي واري ٽنڊڻي: هن ٽنڊڻي جي نقصان تي نظر رکيو وڃي. اقتصادي حد کان وڌي وڃي تہ پوءِ زرعي زهر ڪنفيڊور 100 سي سي في ايڪڙ استعمال ڪريو.

**چوٽي ۽ ميوي ۾ سوراخ ڪندڙ ڪيئون:** هي ڪيڙو چوٽي کي ڪائي ٿو ٻوٽو واڌ نٿو ڪري. پاسن کان ٽاريون واڌ ڪن ٿيون. گلن ۽ مڪڙين جي ڪرڻ ڪري نقصان ٿئي ٿو. متاثر ميوو کائڻ لائق نٿو رهي.

ٽالسٽار 250 سي سي في ايڪڙ يا ٽريسر 40 سي سي في ايڪڙ.

**آئي پي ايم جي حوالي سان ڪجھ ڪم جون ڳالهيون:**

- قوت مدافعت وارين جنسن کي پوکيو.

- پيندبين جي پوک جي پاسن کان جوئر ۽ مکئي جو فصل رڪاوٽ طور پوکيو وڃي تہ جيئن ميوي جي ڪيئين ۽ اڇي مک جا پروانہ فصل اندر نہ اچي سگهن.
- گند ڪچرو فصل جي باقيات ۽ٻين ميزبان ٻوٽن جي صفائي ڪجي. خريف ۾ اونها هر ڏجن.
- فصلن جي وار ڦير ٺيڪ نموني سان ڪجي. پيندبين ۽ وونٽن کي لاڳيتو هڪٻئي پٺيان نہ پوکيو وڃي.
- هميشہ سڙيل ڳريل پاڻ جو استعمال ڪجي جيڪو 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ هجي.
- گندگاهہ ختم ڪرڻ لاءِ گڏ ۽ دڙ ڪري ٻوٽن جي پاڙن تي مٽي چاڙهڻ جو ڪم پوکي جي 25 کان 30 ڏينهن بعد ڪيو وڃي.
- جيتن کي ڦندن ۾ ڦاسائڻ جهڙوڪ: ڦندا لڳايا وڃن. جيڪي هڪ ايڪڙ ۾ 4 کان 5 هئڻ گهرجن. جيتن جي هر اسپشي لاءِ جدا ڦندا لڳايا وڃن. جيڪي فاصلي تي هئڻ ڪري وڏيڪ ضابطو ڪندا.
- پيليون چنبڙندڙ پٽين لڳايون وڃن جيڪي هڪ ايڪڙ ۾ 20 کان 30 هجن.
- پکين جي ويهڻ لاءِ لڪڙن جا اوچا چڪا لڳايا وڃن تہ جيئن اتي پکي ويهي جيتن جو شڪار ڪن. ان مقصد لاءِ ايڪڙ ۾ 10 چڪا ڪافي آهن.
- گهرج پوڻ تي اميدا ڪلوپرڊ 17.8 ايس يل 100 ملي ليٽر في هيڪٽر 500 ليٽر پاڻي سان ملائي، مهلي ۽ ٻين رس چوسيندڙ جيتن خلاف استعمال ڪريو. ٻن هفتن کان پوءِ وري ڦوهارو ڪريو.
- ٻوٽن جا ٽنل ۽ جيتن ۽ بيمارين کان متاثر ٿيل حصا، وقت بہ وقت ميڙي الڳ ڪري ساڙي ڇڏيو.
- جيتن کي ناس ڪندڙ هاري دوست ۽ قدرت دوست پيندبين جي فصل ۾ ڏسڻ سان انهن کي ڪيميائي زهرن جي ڦوهاري کان بچائڻ تمام ضروري آهي. ڇوتہ اهي قدرتي طور تي دشمن جيتن جي آنن ۽ ڪيڙن کي ناص ڪرڻ ۾ آبادگارن جي مدد ڪن ٿا.

**موزيڪ بيماري:** هن بيماري ۾ پيندبين جا پن پيلا ٿي وڃن ٿا، پنن جون رڳون سڄي وڇڻ ڪري نمايان نظر اچن ٿيون. جنهن سان ٻوٽن جي واڌ ٻيهي وڃي ٿي ۽ گلن ۽ ميون ٺهڻ جو عمل بند ٿي وڃي ٿو. هي بيماري اڇي مک وسيلي پکڙجي ٿي. هن بيماري اچڻ سان اقتصادي طور وڏو نقصان ٿئي ٿو جيڪو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ٿيو وڃي. پولو 250 سي سي في ايڪڙ يا ڪنوفيڊور 250 سي سي في ايڪڙ استعمال ڪجي.

**اڇي سينور واري بيماري:** اڇي رنگ ۾ ڏٻا جيڪي مختلف چٽين جي شڪل ۾ پنن هيٺيان نظر اچن ٿا، جيڪي پوءِ پنن جي ٻنهي پاسي لڳيو وڃن. شروع ۾ اڇا نشان نظر اچن ٿا ۽ پوءِ سموري حصي تي بيماري پکڙيو وڃي. بيماري وڌيڪ لڳڻ جي صورت ۾ پڻ پيلو ٿي گهنج ڪريو وڃي. وڌيڪ بيماري ڪري پن مٿان کان هيٺ ويڙهجي ٿو ۽ پوءِ ڪرچيل نظر اچي ٿو جنهن جي نتيجي تمام گهٽا پن ڇڻيو وڃن شديد بيماري لڳڻ جي صورت ۾ هيٺ ڏنل ڦنگي مار زهر جو استعمال ڪريو.
ٽاپسن ايم 100 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ في ايڪڙ يا اسڪور 50 سي سي 100 ليٽر پاڻي ۾ في ايڪڙ

**بيماري کان بچاءَ لاءِ احتياتي تدبيرون:** هميشہ تصديق ٿيل، بيماري کان آجو ٻج حاصل ڪجي ۽ جنس ۾ وڌيڪ قوت مدافعت موجود هجي.

1. متاثر ٻوٽن کي ڪڍي ڇڏيو گهاتي فصل کان پاسو ڪريو.
2. فصلن جي وار ڦير ڪريو.
3. فصل جي پاڙن، پنن ۽ ٽپين واري زمين کي اونها هر ڏيو.
4. اهڙا فصل هجن جيڪي بيماري لاءِ ميزبان نہ هجن جهڙوڪ اناج وارو فصل ۽ مڪئي وغيره. ٻوٽن جون قطارون هوا جي رخ ۾ هجن ٻوٽن کي وڌيڪ نائٽروجن وارا ڀاڻ ڏيڻ کان پاسو ڪريو.

**پيندبين تي جؤن جو حملو:** ٻين ڀاڄين وانگر پيندبين تي بہ جؤن جو حملو ٿئي ٿو. پيندبين تي ڳاڙي رنگ ۾ ڪوڙيئڙي نما جؤن جو حملو اونهاري جي گرم ۽ خشڪ موسم تي ٿئي ٿو. هن جا ڪيڙا ۽ ٻچا پيلي رنگ جا ٿين ٿا، ساواڻ مائل ڳاڙها، جڏهن تہ بالغ بيضوي، ڳاڙهاڻ مائل ڀوراڻ تي ٿين ٿا. جؤن پن جي اندرين ڀر کي کائي ٿي، جنهن جي نتجي ۾ پن اڇاڻ مائل ڀورا چٽين جا نشان پنن تي ظاهر ٿين ٿا. متاثر پن آهستہ آهستہ ويڙهجي وڃن ٿا ۽ پوءِ گهنججي وڃن ٿا، داغ نما ٿي ويڙهجي ڇڻي وڃن ٿا.

**بچاءَ جا طريقا:** ڪوريئڙي واري جوڙن جا ڪيترائي دشمن جيت ٿين ٿا پر انهن جو تعداد گهٽ آهي. پاڻي جو مناسب استعمال وڏي اهميت رکي ٿو ڇوته پاڻي جي کوٽ جي ڪري ٻوٽن کي نقصان ٿئي ٿو. جيت مار دوائن جي وڌيڪ ڦوهارن ڪرڻ سان نقصانڪار جيتن ۾ واڌارو ٿيئ ٿو. ان لاءِ جيت مار دوائن کان پاسو ڪيو وڃي. پاڻي جو ڦوهارو جيت مار تيل، يا صابڻ جي استعمال سان ڪري سگهجي ٿو. هميشه علاج کان پهرين جي حملي جي حد کي نظر ۾ رکو.

پسايل سلفر جو ڦوهارو هڪ ڪلو گرام ۾ 50 ڊبليو پي يا ايبامڪٽين 1.9 اي سي 500 ملي ليٽر جيڪا نئين جوڙن مار دوا آهي يا فينپروپيٿرن 30اِي سي 250 کان 340 ملي ليٽر کي 500 ليٽر پاڻي ۾ في هيڪٽر استعمال ڪجي.

## پپنڊين جي پٽ شروع ٿيڻ کان مارڪيٽ تائين پوندڙ نقصانن کان بچاءَ لاءِ انتظام ڪاري:

پپنڊين جون ڪيترين ئي جنسون 55 کان 60 ڏينهن ۾ پٽ لاءِ تيار ٿيو وڃن. جڏهن پپنڊين جا ميوا 2.5 کان 3.5 انچ ڊگها ٿين ته پٽ ڪجي. عام طور تي گلن کانپوءِ پپنڊين جي ميوي جي پٽ 4 کان 6 ڏينهن کانپوءِ ڪجي ٿي. ميوي کي چونڊيو يا ڪٽيو وڃي. ميون کي ڪٽڻ ۾ وقت لڳي ٿو. پر پيداوار بهترين ٿئي ٿي. توهان هڪڙي ايڪڙ مان چونڊو ڪري 200 کان 250 ٽوڪريون حاصل ڪري سگهو ٿا (هر چونڊي مان 15 کان 20 ڪلو گرام جي ٽوڪري) جنهن مان 75 کان 125 مڻ في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي.

پپنڊيون جلد خراب ٿين ٿيون ۽ پپنڊين کي عام طرح سان مارڪيٽ موڪلڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ رکجي ٿو. پپنڊين جي وڏي مقدار کي دڳن ۾ سانڍي ٿڌو يا لوٽياني پاڻي ۾ بند ڪيو وڃي ٿو. پپنڊين اندر گرمي جي موسم ۾ وڌيڪ ساهه کڻڻ جو عمل ٿئي ٿو جنهن کي جلد ٿڌو ڪري ٻني واري گرمائش کي گهٽايو وڃي ته جيئن وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچي وڃن. پپنڊين کي گهنججڻ کان بچاءَ لاءِ گهربل گهم جي مقدار 90 کان 95 سيڪڙو تي رکيو وڃي. پپنڊين جي پٽ کان پوءِ جلدي ميون کي ٿڌي جاءِ تي منتقل ڪيو وڃي، ته جيئن خاصيت برقرار رهي. ميون کي انهن جي جسامت آهر چونڊيو وڃي ۽ پيڪ ڪيو وڃي. پپنڊين کي 7 کان 10 گرمي پد تي اسٽور ڪجي ۽ جتي گهم جو 90 کان 95 سيڪڙو رکيو وڃي ته ميوي جو رنگ، اندريون ڳر ۽ وزن ۾ وڌيڪ گهٽتائي نه اچي.

## پپنڊين جي پٽ مهل هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي

- صبح جي وقت ٿڌ ۾ پپنڊين کي پٽيو وڃي.
- پٽيل پپنڊين کي سج جي روشني ۽ تپش کان پري رکيو وڃي.
- پپنڊين کي پٽ کانپوءِ درجه بندي واري سهولت جلد پيدا ڪجي، جنهن ۾ نقصان ڪاڏل ۽ بيماري وارين پپنڊين کي چونڊي جدا ڪجي.
- پپنڊين جي پٽ کان پوءِ پيداوار کي جيترو ممڪن هجي ته جلد ٿڌو ڪجي، جنهن ۾ مناسب طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا.
- پپنڊين کي مختلف مرحلن مان گذارڻ وارو ڪم جيترو جلدي ممڪن هجي پورو ڪجي.

**پپنڊين تي پاري جو اثر:** ٻين ڀاڄين وانگر پپنڊيون به گرم موسم ۾ ٿين ٿيون ۽ ٻيون ڀاڄيون جيڪي پاري لاءِ حساس سمجهيون وڃن ٿيون جن جو دارومدار پاري جي سهپ تي آهي. جن کي وڏي عرصي لاءِ رکڻ مناسب نه آهي. هر فصل اندر ٿڌ کي سهپ رکڻ جي هڪڙي حد موجود هوندي آهي. انکان وڌيڪ ٿڌ تي رکڻ سان نقصان ٿئي ٿو. گرم ۽ نيم گرم علائقن جي فصل کي رکڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذارڻ هڪ مسئلو آهي. جيتوڻيڪ مختلف فصلن کي گهٽ گرمي تي رکڻ هڪ عام عمل آهي ته جيئن انهن جو وزن گهٽائڻ کان بچائي سگهجي. گرمي جو درجو سهپ جي حد کان گهٽجڻ جي ڪري پپنڊين تي ٿڌ جو برو اثر پوي ٿو. ڀاڄين کي ٿڌ ۾ رکڻ سان مسئلو رهيو آهي جهڙوڪ واڳڻ کي ڪاٽو 0.8 ڊگري تي اثر شروع ٿئي ٿو ۽ پپنڊين تي 1.8 ڊگري سينٽي گريڊ کان گهٽ تي اثر ڏنو ويو آهي.